# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVII مجريه 2016

# SINDH ACT NO.XXVII OF 2016

# سنڌ هٿيار (ترميم) ايڪٽ، 2016

# THE SINDH ARMS (AMENDMENT) ACT, 2016

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.سنڌ ايڪٽ نمبر V جي 2013 جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Act No.V of 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVII مجريه 2016

# SINDH ACT NO.XXVII OF 2016

# سنڌ هٿيار (ترميم) ايڪٽ، 2016

# THE SINDH ARMS (AMENDMENT) ACT, 2016

[17 آڪٽوبر 2016]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ هٿيار ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

| | |
|---|---|
| جيئن ته سنڌ هٿيار ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛ | تمهيد (Preamble) |
| ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو: | |
| 1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ هٿيار (ترميم) ايڪٽ، 2016 سڏيو ويندو.<br>(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2.جاٽايل سنڌ هٿيار ايڪٽ ۾، دفعه 4 کانپوءِ هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي:<br>“4_A. بئلسٽڪ سگنيچر: (1) هٿيارن جو ڊيلر خريد | 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 4 جي ترميم<br>Amendment of |

section 4 of Sindh Act No.V of 2013

ڪندڙ کان نادرا طرفان تصديق ڪيل آڱوٺي جو نشان وٺي ۽ ان جي ڪمپيوٽرائزڊ قومي سڃاڻپ ڪارڊ جي نقل وٺي ۽ ٻيا تفصيل جيڪي وقت بوقت ڄاڻايل ويندا ۽ رڪارڊ رکڻ لاءِ فرانزڪ ليب ڏانهن اماڻڻ کي يقيني بڻائيندو.

(2)هٿيارن جو ڊيلر ڪو هٿيار وڪرو ڪرڻ کان فوري پوءِ بئلسٽڪ سگنيچر جي رجسٽريشن لاءِ خريد ڪيل هٿيار مان فائر ڪيل ٻه خالي خول فرانزڪ ليب لاءِ فراهم ڪندو.

(3) هٿيارن جو ڊيلر هٿيار کي فارينسڪ ليب مان رجسٽر ڪرائڻ سان گڏ سمورا تفصيل جيڪي بشمول ڊيلرز رسيدن، جوڙيل، ماڊل، نمبر ۽ بئلسٽڪ سگنيچر جي تفصيلن وغيره جي رجسٽر ڪرڻ کي يقيني بڻائيندو.

(4) فرانزڪ ليب ۾ عملدار خريد ڪيل هٿيار مان فوري طور فائر ڪيل جا ٻه خالي خول يا گوليون جمع ڪندا ۽ رڪارڊ رکندا.

(5) رجسٽريشن مڪمل ٿيڻ بعد خريد ڪندڙ کي هٿيار رکڻ ۽ هٿيار جي وڌيڪ رجسٽريشن جي پروسيس جي اجازت ڏني ويندي".

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**